هفتيوار رسالو

TRANSLATION DEPARTMENT DAWAT-E-ISLAMI

گالهائڙ جا فتنا

(اميرِ اهلِ سنت جي ڪتاب "گفتگو جا آداب" مان اٺين قسط)

- ڳالهيون ۽ گهٽيون ۽ خطائون ۽ گهٽيون
- قبر جي وحشت کان بچائڻ وارو عمل
- حڪمتِ لقمان ڇا آهي؟
- ٽي سوداني ۽ جنتي مائٽن جا سردار

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت، دعوتِ اسلامي جو باني، حضرت علامه مولانا ابو بلال

محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برکاتہم العالیہ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

كتاب پڑھڻ جي دعا

ديني كتاب يا اسلامي سبق پڑھڻ كان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڑهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيكو كجهه پڑهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حكمت جا دروازا كولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ۱ ص ۴۰ دار الفكر بيروت)



طالب غم مدينه بقيع و مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ پيرو درود شريف پڑهي ڇڏيو)

رسالي جو نالو: ڳالهائڻ جا فتنا

ڇاپو پهريون: ربيع الثاني 1448ھ، آكتوبر 2026ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مكتبة المدينه عالمي مدني مركز فيضانِ مدينه بابُ المدينه كراچي

مدني التجا: كنهن كي به هي كتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

كتاب خريد كندڙ توجهه فرمائن

كتاب جي ڇپائي ۾ كا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڈنگ ۾ اڻتي پوئتي ٿي وڃي هجن ته مكتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

باني دعوت اسلامي، حضرت علامه مولانا محمد الياس عطار قادري

امير اهل سُنت

جي ڪتاب "گفتگو جا آداب" مان هڪ قسط.

گالهائڻ جا فتنا

پيشڪش

اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميه (دعوت اسلامي)

ترجمو

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

رابطي جي لاءِ:

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه
محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: ✉ translation@dawateislami.net

فهرست

دعاءِ عطار 1
دُرُود شريف جي فضيلت 1
زبان جون آفتون تمام گھٹيون آھن 2
عُمر بن عبد العزيز زارو قطار رُنا 2
حڪايت جي وضاحت 3
مُتاثِر ڪرڻ جي لاءِ گفتگو ڪرڻ جا مختلف انداز اختيار ڪرڻ 4
ڳالھيون ۾ گھٹيون ۽ خطائون ۾ گھٹيون 5
جھڙو سفر تھڙو سفر جو سامان ھڻڻ گھرجي 5
گھر ۾ سنّتن پريو ماحول بٹائڻ ۾ خاموشيءَ جو ڪردار 7
غير ضروري سوالات جون آفتون 8
سيّدُنا لُقمان حڪيم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي حڪمت 9
خاموشي دانائي آھي (واقعو) 10
فضول گفتگو ڇا کي چوندا آھن؟ 10
حضرت لقمان جي باري ۾ معلومات 11
لُقمان حڪيم ڪير ھئا؟ 11
حضرت لُقمان جنّت جي سردارن مان آھن 12
حڪمت جون 4 تعريفون 12
حضرت لُقمان طِبّ (يعني علاج) جا ۾ حڪيم ھئا 13
واش روم ۾ ديرتائين ويھڻ جا نقصانات 13
زبان ۽ دل بگڙجي وڃن تم... 13
فضول سوالن جا مثال 14
فضول ڳالھائڻ واري جو ڪوڙن مبالغن کان بچڻ مشڪل ھوندو آھي 15
علائقي ۾ ديني ماحول بٹائڻ ۾ خاموشيءَ جو ڪردار 16
ديني ڪمن جي لاءِ مدني ھٿيار 17

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ط
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

ڳالهائڻ جا فتنا[1]

دعاءِ عطار

يا الله پاڪ! جيڪو به مڪمل رسالو "ڳالهائڻ جا فتنا" پڙهي يا ٻڌي ونيِ اُن کي زبان جي فتنن کان بچاءِ دنيا ۽ آخرت جون پلايون نصيب فرماءِ، ان کي والدين سميت جنت الفردوس ۾ بي حساب داخلا عطا فرماءِ.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

دُرُود شريف جي فضيلت

صحابيِ رسول حضرت جابر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جا والدِ گرامي حضرت سَمُرَه سُوائي رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ روايت فرمائن ٿا ته اسان سرڪارِ دو عالم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهِ عاليشان ۾ حاضر هئاسين ته هڪ شخص خدمتِ بابرڪت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! الله تبارڪ و تعالىٰ جي بارگاهه ۾ سيني کان وڌيڪ محبوب ۽ افضل عمل ڪهڙو آهي؟

تنهن تي محبوبِ خدا، سرورِ انبياء صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو:

سچ ڳالهائڻ ۽ امانت ادا ڪرڻ.

(راويِ حديث حضرت سَمُرَه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا ته) مون عرض ڪيو: يا

[1] هي مضمون امير اهل سُنت جي ڪتاب "گفتگو جا آداب" مان ڪنيو ويو آهي.

رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم! وڌيڪ ڪجهه نصيحت ارشاد فرمايو! پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو : الله پاڪ جو ڪثرت سان ذڪر ڪرڻ ۽ مون تي درودِ پاڪ موڪلڻ، چو ته اهي عمل فقر (يعني غربت) کي دور ڪن ٿا. (القول البد يع،ص273ملتقطاً)

بہرِ رَفعِ مَرَض وزَحمت ورَنج وکُلفت
تم پڑھو صاحبِ لولاک پر کثرت سے دُرُود

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

زبان جون آفتون تمام گھٽيون آهن

صحابيءِ رسول حضرت سيّدنا عبد الله ابنِ مسعود رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن فرمايو ته زبان کي هر شيءِ کان وڌيڪ قابو ۾ رکڻ جي ضرورت آهي. (معجم کبير،149/9) (چوته زبان جون آفتون تمام گھٽيون آهن)

انسان جي مٿي تي گناهن جو بار لڏرائڻ ۾ زبان سيني عضون PARTS کان وڌيڪ آهي (يعني انسان کان سپ کان وڌيڪ گناهه سندس زبان ڪرائيندي آهي). گناهن کان بچائڻ سيني عضون کي ضروري آهي پر (بين عضون جي مقابلي ۾) زبان جي سارسنيال ۽ ان کي قابو ڪرڻ سيني کان وڌيڪ اهم ۽ ضروري آهي.

عُمر بن عبد العزيز زارو قطار رُنا

حضرت ابو عبد الله رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا ته مون ٻڌو ته هڪ عالِم صاحب حضرتِ عُمر بن عبد العزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي سامهون چوڻ لڳو: ”خاموش عالم“ به ڳالهائڻ واري عالِم وانگر هوندو آهي. فرمايائون: منهنجو ذهن هي آهي ته ڳالهائڻ وارو عالِم قيامت جي ڏينهن چپ رهڻ واري

عالِم کان افضل هوندو ان کري جو ڳالهائڻ واري عالِم جو نفعو ماڻهن کي پهچندو آهي جڏهن ته چپ رهڻ واري عالِم کي صرف ذاتي فائدو ملندو آهي. ان عالِم صاحب چيو: "اي اميرُالمؤمنين! ڇا توهان ڳالهائڻ جي فتنن کان ناواقف آهيو؟" حضرت عُمر بن عبد العزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هي ٻڌي کري زاروقطار روئڻ لڳا. (الصمت ج: 7، ص: 345، قول نمبر: 648) اللّٰهُ ربُّ الْعِزّت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

حڪايت جي وضاحت

اي عاشقانِ رسول! اسان جي بزرگن جون احتياطون ۽ خوفِ خدا جو جذبو مرحبا! البت هن ڳالهه ۾ کو شڪ ناهي ته محتاط عُلماءِ دين جو وعظ ۽ نصيحت فرمائڻ، شرعي احڪامَ ٻڌائڻ، مبلغين جو سنّتن ڀريو بيان کرڻ، نيڪي جي دعوت ڏيڻ، خاموشيءَ جي مقابلي ۾ افضل ترين عمل آهي. پر ان عالِم صاحب جو حضرت عُمر بن عبدالعزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي بارگاهه ۾ عبرت جي لاءِ هي عرض کرڻ ته "ڇا توهان ڳالهائڻ جي فتنن کان ناواقف آهيو؟" ۽ اميرالمؤمنين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو خوف خدا سبب زاروقطار روئڻ ۽ ان عالِم دين جي لفظن جي گهرائي تائين پهچڻ جي کري هو. واقعي سنو ڳالهائڻ مخلوق جي لاءِ فائديمند آهي پر خود ڳالهائڻ واري جي لاءِ هن ۾ کيئي خطرا موجود آهن مثال طور جيڪڏهن سنو مبلغ آهي ته پنهنجي خوش بياني ۽ گفتگو جي رواني تي ٻين جي طرفان ملڻ واري داد جي سبب يا صرف پنهنجي صلاحيت تي آکڙ (يعني تکبر) جي باعث يا پاڻ کي (کجهه) سمجهڻ ۽ ٻين کي حقير ڄاڻڻ يا صرف نَفسانيت جي سبب ٻين تي رعب ۽ دٻدٻو ويهارڻ ۽ پنهنجي واهه واهه کرائڻ لاءِ مشڪل

يا خوبصورت الفاظ ۽ محاورا وغيره چوندو رهڻ وغيره وغيره فتنن ۾ پئجي سگهي ٿو. جيڪڏهن عربي تي مهارت هوندي تہ گفتگو ۽ بيانن ۾ پنهنجي عربي جي مهارت جو ڏيڏيو ويهارڻ جي خاطر خوب عربي مَقولن وغيره جي استعمال جي فتنن ۾ مبتلا ٿي سگهي ٿو، اهڙيءَ طرح جنهن جو آواز سنو هجي اهو بہ خطرن ۾ گهيريل رهندو آهي، ڇوتہ ماڻهو اڪثر اهڙن جون تعريفون ڪندا آهن جنهن تي "قوڪجي" مغرور ٿي وڃڻ، سني آواز کي الله پاڪ جي عطا سمجهڻ جي بدران پنهنجو ڪمال سمجهي ويهڻ وغيره وغيره غَلطين جو انديشو (يعني خوف) رهندو آهي. تہ ان عالِم دين جو "ڳالهائڻ" جي حوالي سان خبردار ڪرڻ درست آهي ۽ واقعي جيڪو مبلغ بيان ڪيل بريون صفتون رکندو هجي ان جو ڳالهائڻ ان جي پنهنجي حق ۾ نهايت ئي وڏو فتنو ۽ آخرت جي بربادي جو سامان آهي توڙي جو مخلوق کي ان سان نفعو پهچندو هجي.

مُتاثِر ڪرڻ جي لاءِ گفتگو ڪرڻ جا مختلف انداز اختيار ڪرڻ

ماڻهن کي پاڻ کان مُتاثِر ڪرڻ جي لاءِ منيون منيون ڳالهيون ڪرڻ ۽ ايئن انهن کي پنهنجو مُعْتَقِد (يعني عَقيدت مَند) بڻائڻ تمام وڏو برو ڪم آهي، هاڻي جيڪا حديثِ پاڪ بيان ڪئي پئي وڃي هن مان اهي ماڻهو درس حاصل ڪن جيڪي توڙي جو ظاهري طور تي نيڪ بہ هوندا آهن پر هر وقت "پاڻ پڏائيندا" ۽ ماڻهن کي پنهنجي ذات جو قيدي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهندا آهن. حضرت ابو هريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي، سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: "جنهن ڳالهائڻ جا مختلف انداز ان ڪري سکيا جو ان جي ذريعي ماڻهن جي

دلين کي قيد ڪري (يعني ماڻهن کي پنهنجو عَقيدت مند بڻائي)، الله پاڪ قيامت جي ڏينهن ان جا نه فرض قبول فرمائيندو نه نفل.“

(ابوداؤد، ج: 4، ص: 391، حديث: 5006)

مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديثِ مبارڪ جي وضاحت ۾ فرمائن ٿا: هڪ مضمون کي مختلف عبارتن سان بيان ڪرڻ، سٽي عبارت پڙهڻ، ڪوڙي ڳالهه سچي ڪري ڏيکارڻ يعني جيڪو عالِم شيريني گفتگو، ڪڙاڪي دار تقريرون ڪرڻ اُن ڪري سگهي ته جيئن ماڻهو اُن جي ڇار ۾ قاسي وڃن، ماڻهو هن جا مُعْتَقِد (يعني عقيدت مند) ٿي وڃن. (مرآت، ج: 6، ص: 439)

ڳالهيون به گهٽيون ۽ خطائون به گهٽيون

گهٽو ڳالهائڻ واري شخص کي ڪوڙ، غيبت، چغلي، ماڻهن کي گاريون ڏيڻ وغيره وغيره گناهن ۾ مبتلا ٿي وڃڻ جو خطرو رهندو آهي. اهڙي طرح مالدار شخص کي دولت گهٽي هڻڻ جي ڪري ظُلم ۽ تڪبر وغيره گناهن ۾ پوڻ جو خطرو رهندو آهي. حضرت سيّدنا حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ته (1) جيڪو گهٽو ڳالهائيندو هوندو ان کان غلطيون به گهٽيون ٿيندیون (2) جنهن جو مال گهٽو هوندو ان جا گناه به گهٽا ٿيندا ۽ (3) جنهن جا اخلاق برا هوندا اهو عذاب ۾ مبتلا ٿيندو. (تنبيه الغافلين، ص: 117)

جهڙو سفر تهڙو سفر جو سامان هڻڻ گهرجي

مشهور صحابي حضرت ابوذر غفاري رَضِیَ اللهُ عَنْهُ هڪ پيري ڪعبة الله شريف وٽ بيهي ڪري فرمائڻ لڳا: جيڪو مون کي سجاڻي ٿو اهو ته ڄاڻي ئي ٿو ۽ جيڪو نه ٿو سجاڻي اهو ڄاڻي ونی ته مان جُندب بن

جُناده ابو ذر غفاري آهيان، هڪ همدرد ۽ مهربان مسلمان ياءُ وٺ اچو! ماڻهو چؤطرف جمع ٿي ويا. تہ فرمائڻ لڳا: اي انسانو! توهان مان جڏهن کو شخص دنيا جي کنهن شهر جي سفر جو ارادو کندو آهي تہ زادِ راه (يعني سفر جي سامان) جي بغير سفر ناهي کندو تہ اهو شخص کيئن آهي جيکو آخرت جو سفر بغير زادِ راه جي کرڻ چاهي ٿو؟ ماڻهن پڇيو: اي ابوذر! اسان جي سفر جو سامان ڇا هئڻ گهرجي؟ فرمايائون: "رات جي اونداهي ۾ ٻہ رکعتون نماز قبر جي وَحشت (يعني گهٻراهٽ) کان بچڻ جي لاءِ، ۽ سخت گرمي جا روزا قيامت جي ڏينهن جي لاءِ ۽ مسڪينن تي صدقو کجو تہ جيئن توهان کي سخت ڏينهن جي عذاب کان نجات ملي ۽ ٻين وڏن وڏن معاملن جي لاءِ حج کرڻ. دنيا کي ٻن حصن ۾ ورهايو، هڪ حصو دنيا جي طلب جي لاءِ ۽ هڪ حصو آخرت جي طلب جي لاءِ. هن کان علاوه ٽيون حصو بڻائڻ مُضر (يعني نقصان کار) آهي، فائدي مند ناهي. اهڙيءَ طرح پنهنجي ڳالهه بولهه ٻہ ٻن قسمن جي بڻايو، هڪ اها جيکا توهان کي دنيا ۾ کم ڏي، ٻي اها جيکا آخرت ۾ کم اچي ۽ ٽئين مُضر (يعني نقصان کار) آهي فائدي مند ناهي." پوءِ فرمائڻ لڳا: "افسوس! مونکي ان ڏينهن جي غم هلاک کري ڇڏيو آهي جنهن جو مون وٽ کو عيوَضُ (يعني علاج) ناهي." عرض کيو ويو: اهو ڇا آهي؟ فرمايائون: منهنجون اُميدون منهنجي عُمر کان ٻہ تجاوُز (يعني اڳتي وڌي) ويون ۽ مان پنهنجي عمل کان غافل ٿي ويو آهيان." (تنبيه الغافلين: ص: 118)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت ابو ذر غفاري رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ نهايت ئي پرهيزگار هجڻ جي باوجود پنهنجي باري ۾ عاجزي کندي فرمائي رهيا آهن تہ "مان پنهنجي عمل کان غافل ٿي ويو آهيان" تہ اسان جي کهڙي حيثيت آهي پوءِ اسان جو ڇا ٿيندو؟ جو اسان تہ کا نيکي

ڪري ٻه نه ٿا سگهون ۽ جيڪڏهن اڌوري عبادت ڪري ٻه وڃون تہ شيطان دل ۾ هي وسوسو وجهي ڇڏي ٿو تہ تون تمام گهٽو نيڪ آهين تون شريف ماڻهو آهين ۽ شيطان جي ڳالهين ۾ اسان ٻه ان خوش فهمي ۾ مبتلا ٿي ويندا آهيون تہ ها واقعي اسان نيڪ ماڻهو آهيون. هن واقعي مان خاص طور اسان کي عاجزي ۽ انڪساري جو درس حاصل ڪرڻ گهرجي تہ توڙي جو اسان ڪيترا ئي نيڪ ڪم ڪريون، پاڻ کي گنهگار ئي تصور ڪرڻ گهرجي.

گهر ۾ سنّتن پريو ماحول بڻائڻ ۾ خاموشيءَ جو ڪردار

اي عاشقانِ رسول! بي ضرورت ڳالهه، ڪلَ پوڳ ۽ منهن ماري ڪرڻ جي عادت ڪڍي ڇڏڻ سان گهر ۾ ٻه توهان جو وقار بُلند ٿيندو ۽ جڏهن گهر جا ماڻهو توهان جي سنجيدگي سان مُتاثِر ٿيندا تہ انهن جي دل ۾ توهان جي "نيڪي جي دعوت" جلد اثر ڪندي ۽ گهر ۾ سنّتن پريو ماحول بڻائڻ ۾ آساني ٿيندي. جئين تہ "دعوتِ اسلامي" جي سنّتن پريي اجتماع ۾ خاموشي جي اهميت تي ڪيل هڪ سنّتن پريو بيان ٻڌي ڪري الحمدللہ الڪريم هڪ گهٽ ڳالهائو اسلامي ياڻُ خاموشيءَ جي عادت وجهڻ شروع ڪري ڏني، سُبحانَ اللہ! ان جو ڪيس فائدو ٻه ملڻ لڳو، "اَبُو الفُضول" هئڻ جي ڪري گهر جا ماڻهو ان کان بدظن هئا پر جڏهن کان چپ رهڻ جي عادت کي اپنايائين، گهر ۾ ان جي "پوزيشن" نهي وئي آهي ۽ خاص طور تي سندس امڙ سائڻ جيڪا ڪيس بيزار رهندي هئي هاڻي خوش ٿي ويون آهن، چوتہ هو پهريان تمام گهٽو فضول گفتگو جو عادي هو سندن سڀني ڳالهه ٻه بي اثر ٿي ويندي هئي پر هاڻي هُو جڏهن ٻه امڙ سائڻ کي ڪا سنّت وغيره ٻڌائيندا

آهن تہ اها نہ صرف دلچسپي سان پڙندي آهي بلکہ عمل ڪرڻ جي ڪوشش بہ ڪندي آهي.

بڑھتا ہے خموشی سے وقار اے مرے پیارے
گھر والے بھی ہو جائیں گے خوش آپ سے سارے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہ عَلٰی مُحَمَّد

غير ضروري سوالات جون آفتون

حضرت امام محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: بي فائده گفتگو ڪرڻ مان توهان جو بي کان غير ضروري شيءِ جي باري ۾ سوال ڪرڻ بہ آهي ۽ هن طرح جو سوال ڪري توهان پنهنجو بہ وقت ضايع ڪندؤ ۽ ٻئي کي بہ جواب ڏيڻ جي ذريعي وقت ضايع ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيندؤ ۽ هي بہ ان وقت آهي جڏهن سوال ڪرڻ ۾ ڪا آفت نہ هجي نہ تہ سوال ڪرڻ ۾ عام طور آفتون هونديون آهن. مثال طور توهان ڪنهن کان ان جي عبادت جي باري ۾ سوال ڪندي پڇيو تہ ڇا توهان روزي دار آهيو؟ جيڪڏهن ان هائو ۾ جواب ڏنو تہ هو پنهنجي عبادت جو اظهار ڪرڻ وارو ٿيو ۽ ايئن هو رياڪاري ۾ پئجي سگهي ٿو. جيڪڏهن هو رياڪاريءَ ۾ نہ بہ پئجي تڏهن بہ ان جي عبادت پوشيده (يعني لڪيل) عبادت جي رجسٽر مان خارج ٿي ويندي ۽ پوشيده عبادت، اعلانيہ (يعني سري عام) عبادت کان ڪيئي درجا فضيلت رکندي آهي ۽ جيڪڏهن اهو چئي ٿو تہ روزيدار ناهيان تہ هو ڪوڙ ڳالهائڻ وارو ٿيندو ۽ جيڪڏهن اهو خاموش رهي تہ هو توهان کي حقير سمجهڻ وارو ٿيو ۽ ان سبب توهان تڪليف ڪٽندؤ ۽ جيڪڏهن هو جواب ڏيڻ کان نٽائي ٿو تہ ان کي

مشقت کٽڻي پوندي تہ توهان هڪ سوال جي سبب ان کي رياڪاري يا کوڙ ڳالهائڻ يا حقير ڄاڻڻ يا جواب کي تارڻ جي خساري ۾ آندو.

ايئن ئي توهان جو ان جي بين عبادتن جي باري ۾ سوال ڪرڻ آهي ۽ اهڙي طرح گناهه ۽ هر ان شيءِ جي باري ۾ سوال ڪرڻ آهي جنهن کي هو ماڻهن کان لڪائي ٿو ۽ ان کي ٻڌائڻ ۾ شرمائيندو هجي. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن کو ٻئي سان گفتگو ڪري رهيو هجي ۽ گفتگوءَ کان بعد اوهان ان کان پڇيو تہ توهان ڇا چئي رهيا هيؤ ۽ کنهن جي باري ۾ ڳالهائي رهيا هئا؟ ۽ ايئن رستي ۾ توهان کنهن شخص کي ڏسي ڪري ان کان پڇا ڪئي تہ توهان ڪٿان کان اچي رهيا آهيو؟ تہ ڪڏهن ڪڏهن کا اهڙي رڪاوٽ وچ ۾ اچي ويندي آهي جو ان کي ٻڌائڻ کان روڪيندي آهي ۽ جيڪڏهن بيان ڪري ڇڏي تہ ان کي اَذيت (يعني پريشاني) ٿيندي آهي ۽ شرم ايندو آهي ۽ جيڪڏهن هو سچ ناهي ڳالهائيندو تہ کوڙ ۾ پئجي ويندو آهي جنهن جو ڪارڻ توهان بڻيا آهيو. ايئن ئي توهان کو اهڙو مسئلو پڇيو جنهن جي توهان کي حاجت نہ هجي ۽ جنهن کان سوال ڪيو ويندو آهي بعض اوقات ان جو نَفْس لَا اَدري (يعني مان نہ ٿو ڄاڻان) چوڻ تي راضي نہ هوندو آهي ۽ ايئن هو معلومات نہ هڻڻ جي باوجود جواب ڏئي ڇڏيندو آهي. (غير ضروري سوالن جا مثال اڳتي اچي رهيا آهن)

(احياءَ العلوم، ج: 3، ص: 140)

سيّدُنا لُقمان حڪيم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي حڪمت

حضرت سيّدُنا لُقمان حڪيم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي عرض ڪيو ويو: توهان جي حڪمت ڇا آهي؟ ارشاد فرمايائون: ”جنهن شيءِ جي مون کي ضرورت

ناهي هوندي ان جي باري ۾ سوال ناهيان ڪندو ۽ جيڪا مون کي فائدو ناهي ڏيندي مان ان ۾ ناهيان پوندو.“

(احياءُ العلوم (اردو) ج: 3، ص: 345)

خاموشي دانائي آهي (واقعو)

بي فائده گفتگو مان منهنجي مراد اهڙي قسم جا سوالَ نہ آهن جو تہ انهن کان تہ گناهه يا ضَرر (يعني نقصان) پهچندو آهي. بي فائده گفتگو جو مثال اها روايت آهي جيڪا حضرت سيّدُنا لُقمان حڪيم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي باري ۾ منقول (يعني بيان ڪئي وئي) آهي. تہ الله پاڪ جي پياري نبي حضرت داؤد عَلَيْهِ السَّلَام جي خدمت ۾ هڪ پيري حضرت لُقمان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حاضر ٿيا، ان وقت پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام زِرهه (يعني ڏاڻُوءَ جو ڄاريدار ڪرتو جيڪو لڙائي ۾ پائيندا هئا) ناهي رهيا هئا جڏهن تہ پاڻ هن کان پهريان زِرهه نہ ڏني هئي ان ڪري ان کي ڏسي ڪري تعجّب ڪرڻ لڳا ۽ ان جي باري ۾ سوال ڪرڻ چاهين پيا تہ ”حڪمت“ جي سبب سوال ڪرڻ کان رڪجي ويا. جڏهن حضرت داؤد عَلَيْهِ السَّلَام زِرهه بڻائڻ کان فارغ ٿيا تہ اٿي بيٺا ۽ ان کي پائي ڪري ارشاد فرمايائون: ”جنگ جي لاءِ زِرهه ڪيڏي تہ سُٺي شيءِ آهي.“ هي ٻڌي ڪري حضرت لُقمان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حڪيم چيو: ”خاموشي حڪمت آهي پر ان کي اختيار ڪرڻ وارا گهٽ آهن.“ يعني سوال جي بغير ئي ان جي باري ۾ علم ٿي ويو ۽ سوال جي ضرورت نہ رهي.

(احياءُ العلوم (اردو) ج: 3، ص: 347، احياءُ العلوم، ج: 3، ص: 141)

فضول گفتگو ڇا کي چوندا آهن؟

حضرت امام محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: بيان ڪيو ويو آهي تہ حضرت لُقمان حڪيم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ سال تائين

حضرت داؤد عليه السلام جي بارگاهه ۾ هن ارادي سان حاضر ٿيندا رهيا تہ انهن کي زِرهہ جي باري ۾ بنا سوال ڪرڻ جي معلوم ٿي وڃي. هي ۽ هن طرح جي سوالن ۾ جڏهن نقصان ۽ عيب نہ ڪلندو هجي پڻ رياڪاري ۽ ڪوڙ ۾ مبتلا ٿيڻ جو انديشو نہ هجي تہ هيءَ فضول گفتگو آهي ۽ هن کي ڇڏي ڏيڻ اسلام جي خوبين مان آهي. هيءَ فضول گُفتگو جي تعريف هئي. (احياءَ العلوم (اردو) ج: 3، ص: 347)

حضرت لقمان جي باري ۾ معلومات

حضرت لُقمان حڪيم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو شان نهايت ئي بلند ۽ اوچو آهي، قرآنِ ڪريم سيپاري 21 ۾ سندن نالي تي هڪ پوري سورت "**سُوْرَةُ لُقْمٰن**" جي نالي سان موجود آهي. الله پاڪ **سُوْرَةُ لُقْمٰن** آيت 12 ۾ حڪمتِ لُقمان بيان ڪندي فرمائي ٿو:

وَ لَقَدْ اٰتَیْنَا لُقْمٰنَ الْحِكْمَةَ اَنِ اشْكُرْ لِلّٰهِؕ وَ مَنْ یَّشْكُرْ فَاِنَّمَا یَشْكُرُ لِنَفْسِهٖۚ وَ مَنْ كَفَرَ فَاِنَّ اللّٰهَ غَنِیٌّ حَمِیْدٌ(۱۲)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ بيشڪ اسان لُقمان کي حڪمت عطا فرمائي تہ الله جو شڪر ادا ڪر ۽ جيڪو شڪر ادا ڪري اهو پنهنجي ذات جي لاءِ شڪر ڪري ٿو ۽ جيڪو نا شڪري ڪري تہ بيشڪ الله بي نياز آهي حمد جي لائق آهي.

لُقمان حڪيم ڪير هئا؟

صراطُ الجِنان جلد 7 صفحو 483 تي آهي: حضرت وَهب رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جو چوڻ آهي تہ حضرت لُقمان حڪيم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حضرت ايّوب عَلَيْهِ السَّلَام جا پاڻيجا هئا جڏهن تہ (قرآنِ ڪريم جي) مُفَسّر مُقاتِل (رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه) جو چوڻ آهي تہ

حضرت اَيّوب عَلَيْهِ السَّلَام جي ماسيءَ جا پٽ هئا. سندن حضرت داؤد عَلَيْهِ السَّلَام جو زمانو ڏٺو ۽ انهن کان علم حاصل ڪيائون. حضرت داؤد عَلَيْهِ السَّلَام جي اعلانِ نُبوت کان پهريان فتوٰي ڏيندا هئا ۽ جڏهن حضرت داؤد عَلَيْهِ السَّلَام نُبوت جي منصب تي فائز ٿيا (يعني نُبوت جو اعلان ڪيو) تہ حضرت لُقمان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن فتوٰي ڏيڻ بند ڪري ڇڏي. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي نبي هئڻ ۾ اختلاف آهي، اڪثر عالم سڳورا هن طرف آهن تہ پاڻ حڪيم (يعني حڪمت ۽ دانائي وارا) هئا نبي نہ هئا.

(تفسير بغوي، ج: 3، ص: 423، تفسير، منارک، ص: 917)

حضرت لُقمان جنّت جي سردارن مان آهن

حضرت عبد الله بن عبّاس رَضِیَ اللهُ عَنْهما کان روايت آهي. الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”سوڍانين جي صُحبت اختيار ڪريو ڇوتہ انهن مان ٽي حضرات اهلِ جنّت جي سردارن مان آهن: (1) حضرت لُقمان حڪيم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه، (2) حضرت نجاشي رَضِیَ اللهُ، (3) مُؤَذِنِ (رسول) حضرت بلال حبشي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ.“

(معجم كبير، ج: 11، ص: 158، حديث: 11482)

حڪمت جون 4 تعريفون

حڪمت جون ڪيئي تعريفون (DEFINITIONS) آهن جنهن مان ”صراطُ الْجِنان“ جلد 7 صفحو 484 تي هي چار بيان ڪيون ويون آهن: (1) حڪمت عقل ۽ فَهم (يعني سمجهہ) کي چوندا آهن (2) حڪمت اهو علم آهي جنهن جي مطابق عمل ڪيو وڃي (3) حڪمت مَعْرفت (يعني سجاڻپ) ۽ ڪمن ۾ پختگي (مضبوطي) کي چوندا آهن (4) حڪمت اهڙي شيءِ آهي جو الله پاڪ ان کي جنهن جي دل ۾ رکندو آهي هيءَ ان جي دل کي روشن ڪري ڇڏيندي آهي. (تفسير خازن، ج: 3، ص: 470)

حضرت لُقمان طِبّ (يعني علاج) جا بہ حڪيم هئا

حضرت علّامہ اسماعيل حقّي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه "رُوحُ البيان" ۾ لکن ٿا: حضرت لُقمان حڪيم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه طِبّ (MEDICAL) ۽ حقيقي علم ۽ حڪمت جا حڪيم هئا. (تفسير روح البيان، ج: 7، ص: 73)

واش روم ۾ دير تائين ويهڻ جا نقصانات

حضرت عِڪرمہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بيان ڪن ٿا: ڪين آقا استنجا خاني (يعني ٽائلٽ. TOILET) ۾ ويو تہ دير ڪيائين، حضرت لُقمان حڪيم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن آواز ڏنو: هتي گهٽي ويهڻ سان جگر کي نقصان پهچندو آهي ۽ بواسير جو مرض پيدا ٿيندو آهي ۽ گرمي مٿي تي چڙهي ويندي آهي، ٿوري دير جي لاءِ استنجا خاني ۾ ويهو ۽ جلد ئي فارغ ٿي ڪري اچي وجو. حضرت لُقمان حڪيم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي هن نُسخي کي لکي ڪري دروازي تي لڳايو ويو. (تفسير دُر منثور، ج: 6، ص: 510)

زبان ۽ دل بگڙجي وڃن تہ...

حضرت لُقمان حڪيم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي سندس آقا چيو: بکري ذبح ڪري ان جا سڀ کان بهترين بہ حصا ڪٽي اچو، پاڻ زبان ۽ دل ڪيي ڪري ڪٽي ويا. ڪجهہ ڏينهن کان بعد آقا انهن کي ٻيهر چيو: بکري ذبح ڪري ان جا سڀ کان برا بہ حصا ڪٽي اچو، پاڻ وري زبان ۽ دل ڪٽي ڪري حاضر ٿيا، آقا جي پڇا ڪرڻ تي حضرت لُقمان حڪيم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه چيو: جيڪڏهن زبان ۽ دل صحيح هجن تہ سڀ کان بهترين آهن ۽ جيڪڏهن هي بگڙجي وڃن تہ انهن کان وڌيڪ بري ڪا شيءِ ناهي. (تفسيرِ طبري، ج: 10، ص: 209)

فضول سوالن جا مثال

◈ بنا ضرورت جي پڇڻ: هي گهٽي ۾ ورتو؟ هو ڪيتري ۾ مليو؟ فلاڻي جڳهه تي پلاٽ جو ڇا ريٽ هلي رهيو آهي؟ ◈ ڪنهن جي گهر وڃڻ ٽيو يا ڪنهن نئون گهر ورتو ته سوال ڪرڻ گهٽي ۾ ورتو؟ گهٽا ڪمرا آهن؟ مسواڙ گهٽي آهي؟ گهر جو مالڪ LANDLORD ڪيئن آهي؟ (گهر جي مالڪ جي باري ۾ سوال ڪڍهن ڪڍهن مَعاذ الله غيبت ۽ تهمت جو دروازو کولڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿو مثال طور ڪڍهن ڪجهه هن طرح گناهن ۾ريو جواب به ملي سگهي ٿو: اسان جي گهر جو مالڪ تمام گهٽو سخت مزاج/ بي رحم/ ٽيڙي قسم جو/ ڍِينگو/ خر دماغ/ وائڙو/ ڪنجوس آهي) وغيره وغيره ◈ ملاقاتيءَ کان پڇڻ: توهان جا گهٽا ٻار آهن؟ وڏي پٽ (يا ڏيءُ) جي عمر ڪيتري آهي؟ ان جي مڱڻي (يا شادي) ڪرائي آهي يا نه؟ ◈ اهڙيءَ طرح جڏهن ڪو نئون دڪان، ڪار يا اسڪوٽر وغيره خريد ڪري ته اجايو خريد ڪرڻ واري کان ان جي قيمت، پائيداري (يعني مضبوطي)، ڪيش، اُڌارَ، قسطن وغيره جي باري ۾ سوال ڪرڻ ◈ ويچارو بيمار جيڪو ڳالهائي نه سگهندو هجي ان کان عيادت ڪرڻ واري جو بنا ضرورت جي طرح طرح جا سوالَ ۽ دوائن وغيره جي تفصيل معلوم ڪرڻ ۽ جيڪڏهن آپريشن ٿيو هجي ته زخم جي ٽاڪن (STITCHES) جو تعداد تائين پڇي ونڊ ايستائين جو "شرم جي جڳهه" جو مسئلو هجي تڏهن به ڪجهه ان جي پڇا ڪندي ناهن شرمائيندا. هن طرح جي فضوليات ۾ عورتون به مردن کان ڪنهن طرح پوئتي ناهن رهنديون ◈ گرمي يا سردي جي موسم ۾ ان جي گهٽ وڌائي جي موقعي تي بنا ضرورت هن طرح جون ڳالهيون ڪرڻ مثال طور گرمي جي موسم ۾ بعض اَبوالفُضول جو "اُفّ! اُفّ" ڪندي هن طرح چوڻ: هڪ ته اڃڪلهه سخت گرمي آهي ۽ ٻيو ته بجلي به بار

بار هلي وجي ٿي ◈ اهڙيءَ طرح سردين ۾ اداڪاري سان ڏند وڃائيندي چوڻ: اڄ تمام ڪڙاڪي جي سردي آهي ◈ جيڪڏهن بارش جي موسم آهي تہ بنا ضرورت جي ان تي بہ تبصرو ڪرڻ: مثال طور اڇڪلهہ تہ بارشون تمام گهٽيون ٿي رهيون آهن، هن پاسي پاڻي بيهي ويو آهي، انتظاميہ گپَ گارو صاف ڪرائڻ جو ڪو خيال نہ ٿي ڪري وغيره وغيره ◈ اهڙيءَ طرح ملڪي ۽ سياسي حالات تي بغير اصلاح جي نيّت جي اجايا تبصرا، مختلف سياسي پارٽين تي هروپيرون تنقيدون ڪرڻ ◈ ڪنهن شهر يا ملڪ جو سفر ڪيو آهي تہ اتان جي جبلن ۽ ساوَڪ جي غير ضروري مَنظر ڪَشي، گهرن ۽ رستن جي تفصيلات جو بنا ضرورت بيان وغيره وغيره هي سڀ فضول گفتگو ناهي تہ ٻيو ڇا آهي؟ البت ياد رهي تہ فُضول ڳالهين جا جيڪي مثال ڏنا ويا آهن انهن جي مطابق جيڪڏهن اسان ڪنهن کي گفتگو ڪندي ٻڌون تہ پاڻ کي بدگماني کان بچايون ڇوتہ ڪڏهن ڪڏهن جيڪي ڳالهيون اسان کي فضول لڳي رهيون هونديون آهن اهو چوڻ وارو ڪنهن درست مقصد جي لاءِ ڇئي رهيو هوندو آهي جنهن سبب فضول ناهن رهنديون. مباح شيون (يعني جنهن ۾ نہ ثواب هجي نہ گناه) سُڻي نيّت سان ڪرڻ ڪارِ ثواب ٻڌجي ويندیون آهن.

فضول ڳالهائڻ واري جو ڪوڙن مبالغن کان بچڻ مشڪل هوندو آهي

هي ذهن ۾ رهي تہ فُضول ڳالهائڻ گناه نہ آهي پر فضول ڳالهہ ان صورت ۾ فُضول هوندي آهي جڏهن گهٽ وڌائي ڪرڻ بغير 100 فيصد درست ڳالهہ ڇئي وڃي. تَشْوِيش (يعني پريشاني) جي ڳالهہ هي آهي جو هن طرح جي گفتگو ماپي ٿوري درست بيان ڪرڻ جو "فضول" جي حد کان اڳتي نہ وڌي هي نهايت ئي مشڪل ڪم هوندو آهي، بار بار ڪوڙو مبالغو (يعني اصل جي خلاف حد کان وڌائي

چڙهائي ڪري بيان ڪرڻ) ٿي ويندو آهي، ڪڏهن فضول ڳالهائڻ وارو غيبتن، تهمتن ۽ ناحق دل آزارين وغيره جي اونهي کڏي ۾ وجي ڪرندو آهي. تنهنڪري عافيت (پلائي) چپ رهڻ ۾ ئي آهي جو هڪ چپ سؤ سک.

علائقي ۾ ديني ماحول بڻائڻ ۾ خاموشيءَ جو ڪردار

هڪ اسلامي ياءُ "دعوت اسلامي" جي سنّتن پري اجتماع ۾ خاموشيءَ جي باري ۾ سنّتن پريو بيان ٻڌڻ کان پهريان ديني ماحول سان وابسته هئڻ جي باوجود نهايت ئي فضول ڳالهائيندو هو گهڻو درودِ پاڪ پڙهڻ جي بہ ڪا خاص ترڪيب نہ هئي، جڏهن انهن چپ رهڻ جي ڪوشش شروع ڪئي، روزانو هڪ هزار دُرودِ پاڪ پڙهڻ نصيب ٿيڻ لڳو، ان کان پهريان ڪيس انمول وقت هيڏانهن هوڏانهن جي فضول ڳالهين ۾ برباد ٿي ويندو هو. انهن خاموشي جي ڪوشش شروع ڪرڻ کان بعد ٻارهن ڏينهن ۾ پڙهيل 12 هزار درود شريف جو ثواب مون (سگِ مدينہ کي) تحفو پيش (يعني ايصالِ ثواب) ڪيو. کين ڳالهير هئڻ جي باعث اُبتين سبتين ڳالهين جي نحوست سان سندن ذيلي حلقي ۾ دعوتِ اسلامي جي ديني ڪم کي بہ نقصان پهچي ويندو هو. ڪجهه ڏينهن پهريان کين حلقي ۾ پاڻ ۾ اختلاف ختم ڪرڻ جي لاءِ مدني مشورو ٿيو حيرت مٿان حيرت جو انهن جي خاموشي جي سبب الحمد لله الڪريم سڄو جهڳڙو آسانيءَ سان ختم ٿي ويو. سندن "نگران" خوشيءَ جو اظهار ڪندي انهن کي بي تڪلّفي سان ڪجهه هن طرح فرمايو: "مون کي تمام گهڻو خوف ٿي رهيو هو تہ شايد توهان بحث شروع ڪندا ۽ ڳالهه ڪٽان جي ڪاٽي نڪري ويندي پر توهان جو خاموشي اپنائڻ جي نعمت اسان کي راحت ڏني." اصل ۾ ڳالهه هيءَ آهي

تہ هن کان پهريان سندن فضول بحث ۽ بَک بَک جي بري عادت جي سبب "مدني مشوري" وغيره جو ماحول خراب ٿي ويندو هو.

ديني ڪمن جي لاءِ مدني هٿيار

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان؟ فُضول ڳالهائڻ کان بچڻ ديني ڪمن جي لاءِ ڪيتري قدر مُفيد آهي، تنهنڪري جيڪو سنّتن جو مبلغ آهي ان کي تہ خاص طور هر حال ۾ سنجيده ۽ گهٽ ڳالهائڻ وارو هئڻ گهرجي. جيڪو بيهوده يا، گهٽو ڳالهائڻ وارو، بين جي گفتگو ڪٽڻ وارو، بار بار وچ ۾ ڳالهائڻ وارو، ڳالهه ڳالهه تي بحث ۽ تڪرار ڪرڻ ۽ "وارَ جي ڪلَ" لاهڻ وارو هجي ان جي ڪري ڪم کي نقصان پهچڻ جو انديشو رهندو آهي، چو تہ خاموشي جيڪا شيطان کي ماري ڀڄائڻ جو "بهترين" هٿيار آهي ان کان هي فضول ڳالهائڻ وارو شخص محروم آهي. حضرت ابو ذر غفاري رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کي وصيت ڪندي الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: "خاموشي جي ڪثرت کي لازم ڪريو(يعني گهٽو خاموش رهندا ڪيو) جو ان کان شيطان پڃندو ۽ توهان کي دين جي ڪمن ۾ مدد ملندي." (شُعب الايمان: 4، ص: 242، حديث: 4942)

الله اس سے پہلے ایماں پہ موت دیدے
نقصاں مرے سبب سے ہو سنّتِ نبی کا

(وسائلِ بخشش، ص: 178)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہ عَلٰی مُحَمَّد


جھوٹ


اچھی گفتگو کیجئے


فضول باتوں


خاموش گفتگو کیجئے


اچھا
برا
سُننے
کے فائدے


زبان کی حفاظت
کی اہمیت

ايندڙ هفتي جو رسالو



فيضانِ مدينہ، محلو سوداگران، پراڻي سبزي منڈي ڪراچي

UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278

www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net

feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net